# ڦلواڙي

# Fulvari

ٻارن جون آکاڻيون

Stories for Children

info@SindhiSangat.com

# فهرست


1. جهرڪ ۽ جهرڪي

2. ٻڪري ۽ بگهڙ

3. ديو ۽ سوا ديو

4.جادُوجو غاليچو

5. تتر ۽ گدڙ

6. چار يتئي

7. حاجياڻي ٻلي

8. ڏاهو گدڙ

9. ٻلي ۽ باز

# ڦـــلــواڙي

## ١. جهرڪ ۽ جهرڪي

هڪڙو هو جهرڪ، ٻي هئي جهرڪي. جهرڪ آنڊو ڏال جو ڏاڍو، ۽ جهرڪيءَ آنڊو چانور جو ڪٽو. ٻنهي گڏجي کچڙي چاڙهي. گهر ۾ لوڻ هوئي ڪونه. جهرڪيءَ جهرڪ کي لوڻ آڻڻ لاءِ بازار موڪليو. جڏهن جهرڪ ويو، تڏهن جهرڪيءَ چيا ڪيو، جو سڀ کچڙي کائي، جونن باسڻن ۾ پاڻي پري چڪي ۾ رکي ڇڏيائين ۽ پاڻ اکين تي پٽي ٻڌي ليٽي پيئي. جهرڪ لوڻ وٺي آيو ته ڏٺائين ته گهر جو دروازو بند پيو آهي. سڏ ڪيائين:-

”جهرڪي ڙي جهرڪي، دروازو کول!“

جهرڪي سمهي پئي جواب ڏنو ته ”منهنجون اکيون ٿيون سور ڪن، مان اُٿي نٿي سگهان.“

جهرڪ کي آئي ڪاوڙ، سو پيري جا هنيائين لت ته ڌوڙ دروازو وڃي ڪريو!

جهرڪ اندر وڃي پڇيس ته ”کچڙي ڪٿي

آهي.""؟


جهرڪيءَ چيس تہ "مٿي ڏس: چڪي تي رکي هوندي. آءٌ اکين جي سور ڪان اُٿي نہ ٿي سگهان."

جهرڪ جڏهن ئي ديگڙي چڪي تان لاٿي تہ سمورو ڪنو پاڻي اچي سندس منهن ۽ مٿي تي پيو ۽ جو ٿي پاڻيءَ سان سڄو پسجي پٽ ٿي پيو. جهرڪ کي ڏاڍي مٺيان آئي. پڇڻ لڳو: "کچڙي ڪيڏانهن ويئي""؟

جهرڪيءَ جواب ڏنس تہ "آءٌ ڇا ڄاڻان، تو کاڌي هوندي."

جهرڪ چوڻ لڳو: "واه ڙي واه! مون وري ڪٿان کاڌي؟ آءٌ تہ بازار ويو هوس. تو کاڌي هوندي، جو تون گهر ۾ هئين."

اِنهي ڳالهہ تان اچي مٿو جهيڙو. جهرڪ چوي "تو کاڌي" جهرڪي چوي "تو کاڌي." آخر ڳالهہ اچي اِتي بيٺي، تہ کوه جي مٿان ڪچي سٽ جي پينگهہ ٻڌي پوءِ ٻئي انهيءَ تي لڏون: جيڪو هوندو سچو، سو لڏي ايندو ۽ ڪوڙو کوه ۾ ڪري پوندو، ڇاڪاڻ تہ ڏٺي سچن کي ئي ٿو بچائي



ڪوڙي جهرڪي ڪوه جي مٿان لڏط لڳي ته ڏو
وڃي ڪوه بر هيٺ ڪري.

۽ کوڙن کي تو ڦاسائي.

جهرڪيءَ به اها ڳالهه قبول ڪئي. پوءِ ٻه ڪچي سٽ جي پينگهه کوه ٽي ٻڌائون. پهرياءِ جهرڪ خوب لوڏا کائي لٿو، پر پينگهه نه ٽٽي.

پوءِ جهرڪيءَ جو وارو آيو.

جهرڪي جئن لڳي لڏڻ، تئن ڏوُ وچي کوه ۾ ڪري!

جهرڪيءَ جي کوه ۾ ڪري پوڻ ڪري جهرڪ کي ڏاڍو ڏک ٿيو، سو پنهنجي جهرڪيءَ لاءِ ويهي لڳو روئڻ. ايتري ۾ ماسي ٻلي اچي اُتان لنگهي. جهرڪ کي روئندو ڏسي پڇڻ لڳي "ٻچا جهرڪ! ڇو ٿو روئين"؟

جهرڪ چيس "ماسي ڙي ماسي! منهنجي جهرڪي کوه ۾ ڪري پئي آهي." ٻلي چوڻ لڳي ته "ڪڍي اچانس ته ڇا ڏيندين"؟

جهرڪ جواب ڏنو ته، "اڌ تنهنجي، اڌ منهنجي."

ماسي ٻلي کوه ۾ لهي جهرڪيءَ کي ڪڍي آئي ۽ اڌ ڪرڻ لڳي. جهرڪي چوڻ لڳيس ته "آءٌ اڃان آلي آهيان. ٻيهه نه سگهان، ته پوءِ ڪڏي اڌو اڌ ڪجو." انهيءَ تي ماسي ٻلي به ٿورو ترسي

ويٺي. جڏهن جهرڪيءَ پاڻ سڪايو، تڏهن ڦرڦر ڪري اُڏامي وڃي وڻ تي ويٺي.

تڏهن ٿو جهرڪ چويس: ماسي! هاڻي جهرڪيءَ اڄ ٿڌيءَ، نه سڪي منهنجي!

ٻلي ويچاري ڏسندي ڏسندي رهجي ويئي!

---

## ٢. ٻڪري ۽ ٻگهڙ

هڪڙي ٻڪري هئي. اُها ڏهاڙي جهنگ ۾ ويندي هئي ۽ پنهنجي ٻچن کي چئي ويندي هئي ته اندران ڪڙو ڏيئي ڇڏيو. سندس ٻچا ڪڙو ڏيئي ڇڏيندا هئا. جڏهن ٻڪري جهنگ مان موٽندي هئي، تڏهن دروازي وٽ بيهي چوندي هئي "پيارا پٽڙا! دَر کولي ڏيو."

ٻچا ڪڙو کوليندا هئا ۽ ٻڪري اندر ويندي هئي. هڪ ڏينهن هڪڙي ٻگهڙ ٻڪريءَ کي اهو سڀ ڪندو ڏٺو ورتو. جڏهن ٻڪري جهنگ ڏانهن ويئي، تڏهن ٻگهڙ خيال ڪيو ته ڇو نه اَٽڪل ڪري ڇيلن کي کائي ڇڏجي. اهو خيال ڪري ٻگهڙ ٻڪريءَ جي گهر جي دروازي وٽ

پوءِ چيائين "پيارا ٻچڙا ! در کولي ڏيو."

ڇيلن سمجهيو ته اسانجي ماءُ آئي آهي. انهن ڪڙو کوليو. ٻگهڙ اندر وڃي ڇيلن کي ڪائي ڪپائي ڇڏيو. پوءِ دروازو ٻيڪڙي هليو ويو. سج لٿي مهل ٻڪري آئي ۽ چيائين "پيارا ٻچڙا! در کولي ڏيو."

مگر ٻچا هجن ته جواب ڏين. نيٺ ٻڪريءَ دروازي کي سگهه هنيو ته در کلي پيو. اندر وڃي ڏٺائين ته هڪ ڇيلو به نه ٿيو. روئندي رڙندي ٻاهر نڪتي. شينهن وٽ ويئي ۽ وڃي پڇيائينس ته "تو منهنجا به ٻچا ته نه کائي ڇڏيا آهن."

شينهن جواب ڏنس "نه امي! مون نه کاڌا آهن." پوءِ ٻڪري چيتي وٽ ويئي، جنهن پڻ جواب ڏنس "نه امي! مون نه کاڌا آهن."

ٻڪري سڀني جهنگلي جانورن وٽ ويئي، مگر هرڪنهن اهو ساڳيو جواب ڏنو "امي ! مون تنهنجا ٻچا ڪين کاڌا آهن."

نيٺ ٻڪري ٻگهڙ وٽ ويئي، جنهنکي چيائين "اي ٻگهڙ! تو منهنجا ٻچا ته ڪين کاڌا آهن؟" ٻگهڙ چيس، "هائو، مون کاڌا آهن. توکي مونسان

لڙ ڏو ھجي تہ ڀلي اچي لڙ."

ٻڪريءَ چيس "چڱو. آرتوار ڏينھن تنھنجي منھنجي لڙائي آھي." ائين چئي ٻڪري ھلي ويئي. پوءِ لھار وٽ ويئي ۽ چيائينس "لھار! تون منھنجو سڀ ڪير ڏھي وٺ ۽ منھنجا سڱ اھڙا تکا ڪر جو مکہ وھي تہ بہ ڪٽجي وڃي."

لھار ٻڪريءَ جو ڪير ڏڌو ۽ سندس سڱ تمام تيز ڪيائين. ٻگھڙ کي جا خبر پيئي، سو بہ لھار ڏانھن ويو. رستي ۾ ھڪ گڏہ جي ٽنگہ پيئي ھئي، اُھا کڻند و ويو. وڃي چيائينس "اي لھار! ھيءَ گڏہ جي ٽنگہ وٺ ۽ منھنجا ڏند تکا ڪر." لھار کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. مگر ھوُ اھا ڪاوڙ پي ويو. "اھا ٽنگہ اتي ڪڍي رکہ. اڄ تہ تنھنجا ڏند تکا ڪريان." ائين چئي لھار ٻگھڙ جا ڏند گسائي تمام مڏا ڪري ڇڏيا. پوءِ ٻگھڙ ويو ھليو.

آرتوار ڏينھن ٻڪري ٻگھڙ وٽ ويئي،چيائينس "ٻگھڙ! اڄ تہ لڙائي ڪريون. ڀھرين تون ڪاھ ڪر."

ٻگھڙ زور سان ڊوڙي وڃي ٻڪريءَ کي چڪ پاتو. مگر ڏند ھيس مڏا، سو ٻڪريءَ جا فقط ٿورا وار ڇني سگھيو. نيٺ چڪ پائي پائي ٿڪو، مگر

کجھہ کين وريس. جڏھن ٿڪو، تڏھن ٻکريءَ
کي چيائين تہ "منھنجو وارو پورو ٿيو. ھاڻي
تون ڪاھ ڪر."

ٻکريءَ تڏھن زور سان ڊوڙي بگھڙ جي
پيٽ ۾ سڱ ھنيا تہ بگھڙ جو پيٽ ڦاٽي پيو. بگھڙ
مري ويو ۽ سندس پيٽ مان ٻئي ڇيلا نڪري
آيا. ٻکري پنھنجا ٻچا وٺي کلندي خوش
ٿيندي گھر ويئي.

---

## ٣. ديو ۽ سوا ديو

کنھن ڳوٺ ۾ ھڪ ميراسيءَ ۽ ھڪ نائي
پاڙيسري ھئا. ميراسي ڳائي ۽ وڄائي اناج وغيره
ڪمائي ايندو ھو ۽ سندس گھر ۾ عمدا طعام تيار
ٿيندا ھئا، مگر نائي تمام سست ھو. سارو ڏينھن
گھر ۾ ويٺو مکيون ماريندو ھو، جنھنکري سندس
گھر ۾ ڪاڏي ٻيتي جي تنگي رھندي ھئي. ڪڏھن
ڪڏھن تہ لنگھڻ بہ ڪيندا ھئا. آخر ھڪ ڏينھن
نائيءَ جي زال تنگ ٿي مڙس کي گھٽ وڌ ڳالھايو
تہ ڏس تنھنجو پاڙيسري ميراسي ڪيترو نہ
ڪمائي ٿو ۽ ڪھڙو نہ خوش ٿا گذارين. تون اھڙو

سست آهين جو گهر مان ٻاهر نڪرڻ جو نالو ٻه نه ٿو وٺين.

زال جا مهڻا ٻڌي نائيءَ کي ڏاڍ و جوش آيو ۽ ڪئنچي، پاڪي، ڦڻوڻو، آئينو پانيءَ ۾ وجهي روانو ٿيو. رستو ڏنل هوس ڪونه، سو پاڻ جي وڃي جهنگل ۾ نڪتو. اونهاري جي موسم هئي. نڪهڻ اُس لڳڻ ٿي ساڙيا. گرميءَ سببان نائي اچي پريشان ٿيو. اُڃ ٻه هلاڪ ڪيس. پاڻي جي جاچ ڪندي ڪندي پريرو هليو ويو، مگر پاڻي هٿ نه آيس. ٿورو اڳيرو وڌيو ته پريان هرڻ ڦاڙها ڏنائين. نائي ڏٺو ته اُلي وڏن وڻن جو جهڳٽو به نظر ٿو اچي؛ شايد پاڻي ٻي وڃي، سو تڪڙو تڪڙو اوڏانهن روانو ٿيو. ڏٺائين ته سچ پچ هڪ ٿڌي صاف پاڻيءَ جو چشمو آهي. پاڻي پي خدا جو شڪر ڪيائين. تڪ الهڻ لاءِ وڻ جي ڇانوَ هيٺان سمهي پيو ته يڪدم گهري ننڊ اچي ويس.

اتفاق جي ڳالهه چئجي. اُن وڻ تي هڪ ديو رهندو هو، جو صبح جو خوراڪ جي ڳولا ۾ نڪتو هو. هٽي هٽي ٿڪو، مگر ڪو شڪار هٿ ڪونه

آيس . نيٺ ٻڪ جا چڪ سهندو واپس موٽيو . اهڙي وقت هڪ آدميءَ کي وڻ هيٺان سمهيل ڏٺائين ته خوشيءَ وچان ٽينگه ٽپا ڏيڻ لڳو ۽ نچڻ ٽپڻ ۽ شور مچائڻ لڳو. اُن گوڙ تي نائيءَ جي اک کلي.

مگر نائي تمام چالاڪ هو. جلدئي کيس هڪ ترڪيب سجهي آئي . هٿ ۾ پاکي کڻي نچڻ لڳو. جئن ديو ٽپي ٽينگه ٽپا ڏنا، تئن هيءُ به ڏيڻ لڳو. ديو اهو حال ڏسي عجب ۾ پئجي ويو ۽ کيس چيائين "اي آدم جا ٻچا! تون خوش ڇو ٿو ٿين؟"

نائيءَ چيس ته "اول تون ٻڌاءِ ته توکي ڇاجي خوشي آهي؟"

ديو جواب ڏنس ته "مان ديو آهيان . اڄ هن وقت تائين مونکي کائڻ لاءِ ڪجهه هٿ ڪين لڳو. بکہ ۾ اڌ مئو ٿي ويو هوس ته حضرت سليمان توکي هٿ موڪليو ۽ گهر ويٺي مونکي لذيذ خوراڪ هٿ اچي ويئي . هاڻي مان مزي سان ويهي تنهنجو گوشت کائيندس ۽ هڏيون چٻيندس . ان ڪري خوشي ٿي اٿم ."

نائيءَ چيو ته "تڏهن ٻڌ. مان سوا ديو آهيان . اسانجي راجا هڪ نئون گهاٽو ٺهرايو آهي جو اهڙو

باري آهي جو اُن کي وهائڻ لاءِ ٻہ ديوَ گهرجن. هڪ ديو تہ مان اڳيئي ڦاسائي آيو آهيان. ٻئي جي ڳولا ۾ هوس تہ خدا توکي مونوٽ موڪليو. هاڻي مان توکي پڪڙي راجا وٽ وٺي ويندس ۽ انعام پائيندس، ان ڪري خوش ٿو ٿيان."

اها ڳالهہ ٻڌي ديوَ کي فڪر ٿيو. چوڻ لڳو "ڀلا جيڪو ديو تون پڪڙي آيو آهين سو مون کي ڏيکار."

نائيءَ چيس تہ "هن دم ٿو توکي ڏيکاريان. اکين سان ڏسي پڪ ڪر." ائين چئي نائيءَ پاڻيءَ مان آئينو ڪڍي ديو کي ڏيکاريو.

آئيني ۾ پنهنجي شڪل ڏسي ديوَ جون وايون ولڙيون ٿي ويئون. ڏڪندي ڏڪندي چوڻ لڳو "ڀائي! خدا جي واسطي مونکي جيئدان ڏي. آءٌ توکي ڪجهہ نہ چوندس."

نائيءَ چيس تہ "تون مونکي ڇا ڪري سگهندين؟ مان توکي جادوءَ جي زور سان پڪڙي وٺي ويندس." ائين چئي "اشڏانگہ پشڏانگہ ديوا اشڏانگہ" منتر پڙهڻ لڳو.

ديوَ عاجزيءَ سان چيس تہ "اي سوا ديو!

ٽوڪي راجا جيڪو انعام ڏيندو، ٽنهن ڪان وڏيڪ مان ٽوڪي ڏيڻ لاءِ ٽيار آهيان. مگر خدا جي واسطي مونکي قيد نہ ڪر."

نائيءَ اها ڳالهہ قبول ڪئي. ديوَ جهٽ پٽ زمين کوٽي خزانو ڪڍيو ۽ اشرفين جو ڍير نائيءَ جي اڳيان آڻي رکيو. نائي اشرفين جي هڙ ٻڌي ڪڍي اچي گهر نڪتو ۽ زال کي ساري ڳالهہ ٻڌايائين. ٻئي ڄڻا زال مڙس گهہ ڳڙندا مال مليدا کائڻ لڳا.

ميراسيءَ اهو حال ڏٺو تہ ويچار ڪرڻ لڳو تہ ڇا لڳي نائي، ڪوڏيءَ جو محتاج، ڇا لڳن هيءَ چوُرما. خبر ناهي تہ ڪٿان چوريءَ جو خزانو هٿ لڳو اٿس. ميراسڻ اهو پتو لهڻ لاءِ حجامڻ وٽ ويئي ۽ مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪري سيڪجهہ پڇي ورتائين. حجامڻ هلڪي پيٽ واري هئي، سيڪجهہ ٻاقي ڏنائين. ميراسڻ چيس"پيڻ! اوهانجا وڏا ڀاڳ چئبا. اسين غريب اوهانجا پاڙيسري آهيون. اڄ ڪلهہ ڪرت گهٽ آهي. ماڻهو ٻڪا ٽي پيا آهن. ڳوٺ ۾ ٻيو بہ ميراسي اچي ويٺو آهي، سو ٽون ايتري ڀلائي ڪر

جو پنهنجي مڙس کي ڇڏي ۽ منهنجي مڙس کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃي."

حجامڻ اها ڳالهه قبول ڪئي. مڙس کي به مڃايائين. جنهن ڏينهن نائي اشرفين جي ڳنڍڙي کڻي آيو هو تنهن جي پوري اٺين ڏينهن ٻئي ڄڻا روانا ٿيا. نائيءَ پنهنجي پاڻي ڪنئين. ميراسيءَ وڏي ڍولڪ ڳچيءَ ۾ وڌي. شام جي وقت ٻئي اُن جڳهه تي پهتا ۽ ٻڙجي وڻ تي چڙهي وڃي لڪي ويٺا.

اتفاق سان هيءُ اُهو ڏينهن هو، جنهن ڏينهن ديو پنهنجي برادريءَ جي ديون جي مهماني ڪئي هئي. اونداهي ٿي مس ۽ مهمانيءَ جو سامان ڪٺو ٿيڻ لڳو ۽ چئني طرفن کان ديو اچڻ لڳا.

ٿوري وقت ۾ چاليهه پنجاه ديوَ گڏ ٿي ويا. انهن ۾ هڪ ڪاڻو ديو هو، جو ميزبان کان پڇي رهيو هو ته ڇو هيءَ مجلس ڇو ڪئي آهي؟ اُنجو سبب ٻڌاءِ.

ميزبان کيس ٻڌايو ته هڪ ڏينهن هڪڙو سوا ديوَ آيو هو ۽ مونکي قيد ٿي ڪيائين، تڏهن مون باس باسي هئي ته جيڪڏهن هن سوا ديوَ مان

منهنجي جان بچي ته مان براد ريءَ وارن کي مجلس ڏيندس.

ڪاٽي ديو پڇيس ته "سوا ديو قد ۾ ڪيڏو هو؟"

"معمولي اِنسان جيڏو."

"ٻڌهن ٿو دوڪو کاڌو آهي. جيڪڏهن تنهنجي جاءِ تي مان هجان ها ته اُن دم کيس ڪچو کائي وڃان ها."

نائي ۽ ميراسي مٿان وڻ تي اهي ڳالهيون ٻڌي رهيا هئا. ميراسي ڏاڍو ٻڇڙو هو. ٻڌ وچان ڪانئس رڙ نڪري ويئي. ديون سمجهيو ته مٿي ڪو جانور آهي، سو زور سان شور مچائڻ ۽ هاها ڪرڻ لڳا، جڏهن باغائي ميون جي وڻن تان پکي هڪليندا آهن. انهن خوفناڪ آوازن تي ميراسي ۽ نائي ٿر ٿر ڪنبڻ لڳا. نائي وري به همت وارو هو. وڻ جي ٽاريءَ کي چنبڙي ويهي رهيو، مگر ميراسيءَ جا هٿ اهڙو ڏڪڻ لڳا، جو هٿ مان ڍولڪ ڇڏائجي ويس ۽ پڻ مان ٿڙ ٿڙ ڪندي ڏؤ اچي هيٺ ڪري. ديو گهٻرائجي اُٿي ڪڙا ٿيا ته الائي ڪهڙي آفت آئي.

نائيءَ ڏٺو ته هاڻي سر تي آفت آئي. هن

گيديءَ ميراسيءَ کري منهنجي ٻجان تي وڃي، سو ٽپو ڏيئي هيٺ اچي ڍولک ڳچيءَ ۾ وجهي خوب زور سان وڄائڻ لڳو ۽ زبان سان چوڻ لڳو "ٻم ٻمان ٻم! ٻم ٻمان ٻم. ڀڪڙيو ڪاٺي کي! ٻم ٻمان ٻم! ڀڪڙيو ڪاٺي کي!"

ڪاٺي ديو جو اهو معاملو ڏٺو ته پٺ ڀائي ونئي ڀڳو ۽ ٻيا ديو به پٺيان ويا. جڏهن ميدان صاف ٿي ويو، تڏهن نائي ۽ ميراسي مال مليدا کڻي سڪ سان گهر موٽي آيا ۽ وري اُن جهنگل ڏانهن ڪين ويا.

---

## ٤. جادوءَ جو غاليچو

هڪ راجا هو، جنهنکي ٽي پٽ هئا. هڪ ڏينهن راڻي محل جي ڪلهيءَ ڇت تي ٽي گهمي. صبح جو وقت هو. ٽنهي پٽن اچي گڏجي کيس نمسڪار ڪري چيو "ماتا! اسان ٽنهي ۾ سڀ کان چڱو ڪير آهي؟" ماتا چيو ته اوهين ٽيئي چڱا آهيو. ٻالڪن وري چيو "نه. هڪ جو نالو وٺ. ڪالهه شام لاڪر اسين ان ڳالهه تي جهڳڙو ڪري رهيا آهيون."

تنهن تي راڻيءَ چيو "چڱو، اوهان ۾ جيڪو منهنجي لاءِ سڀ کان عجيب شيءِ آڻيندو، سوئي سڀ کان چڱو آهي."

تيئي ٻالڪ روانا ٿيا. هلندي هلندي دور نڪري ويا ۽ جدا ٿيڻ لڳا. تنهي اها ڳالهه ٺهرائي ته جتان جدا ٿيون ٿا، اُتيئي وري اچي گڏ ٿيندا سون.

ننڍڙو ڪمار هڪ شهر ۾ ويو. اُتي هن ڏٺو ته هڪ غاليچو پيو وڪامي. اُن جي قيمت پنج سؤ روپيه هئي. ڪمار پڇيو ته "هن غاليچي ۾ ڪهڙي خاصيت آهي؟"

وڪڻڻ واري چيو ته "هن غاليچي تي ويهي جيڏانهن مرضي هجي اوڏانهن اک ڇنڀ ۾ پهچي سگهجي ٿو. رڳو غاليچي کي حڪم ڪرڻ جي دير آهي." ڪمار خوش ٿي غاليچو خريد ڪيو.

وچون راجڪمار ٻئي شهر ۾ ويو. اُتي هن هڪ عينڪ وڪامندي ڏٺي. اُنجي قيمت به پنج سؤ روپيه هئي. راجا جي پٽ پڇيو ته "هن عينڪ جي ڪهڙي خوبي آهي؟"

وڪڻندڙ جواب ڏنو ته "هيءَ عينڪ پائجي

تہ کهڙي بہ دور ديس ۾ جيڪي ڏسڻ چاهيو سو ڏسي سگهندا." راجڪمار خوش ٿي اها عينڪ خريد ڪئي.

وڏو راجڪنور ٽئين شهر ۾ ويو جتي هن ڏٺو تہ هڪ گل پيو وڪامي. اُنجي قيمت پنج سؤ روپيہ آهي. راجڪمار پڇيو تہ "هن ۾ ڪهڙي خوبي آهي؟"

وڪڻندڙ چيو تہ "مرندڙ آدميءَ کي هيءُ سنگهائجي تہ چڱو ڀلو ٿي پوي." راجڪمار اهو گل خريد ڪيو.

اُن سمي ۾ راڻي پٽن جي وڇوڙي ۾ روئي روئي بيمار ٿي پيئي. ويچاريءَ کي ڪهڙي ڪل تہ ٻالڪ عجيب چيز آڻڻ لاءِ ديس ڇڏي پرديس هليا ويندا. هاءِ! مون ڇا ڪيو؟ پيارن ٻارن کي جدا ڪري ڇڏيم. اجايو سندن پرکيا ورتيم. ماتا جو ڪم آهي صرف پيار ڪرڻ. ان ريت روئندي روئندي راڻيءَ کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنو.

راجا راڻيءَ جا گهڻائي علاج ڪيا، ڪيس گهڻوئي سمجهايو ٻجهايو، پر راڻي چڱي ڀلي ڪين ٿي.

جڏهن تيئي ڀائر وري اچي سا ڱئي هنڌ گڏيا تڏهن هر هڪ پنهنجي پنهنجي چيز ڪڍي ۽ اُن جي ڪرامت ٻڌائي. تڏهن تي اُنهن عينڪ پائي ڏٺو تہ سندن ماتا جو حال تمام سخت آهي. هوءَ مرڻينگہ آهي. پوءِ يڪدم غاليچي تي ويهي اُڏاڻا تہ هڪدم اچي وطن پهتا. راڻي مرڻ هار ڪري هئي. هڪدم ڪيس گل سنگهايائون تہ اُٿي کڙي ٿي ۽ پٽن کي ڏسي بهار بهار ٿي. گهر ۾ ڇهچٽو لڳي ويو.

پٽن وري راڻيءَ کان پڇيو "ماتا! ٻڌاءِ تہ اسان ۾ سڀني کان ڪير چڱو آهي؟" راڻيءَ چيو تہ "اوهان ٽنهي مان ڪو هڪ نہ هجي ها تہ منهنجا پراڻ ڪين بچن ها. اوهان ٽيئي چڱا آهيو. آءٌ ڪئن چوان تہ ڪهڙو سڀ کان چڱو؟ ٽيئي هڪ ٻئي کان وڌيڪ آهيو؟"

ٻالڪو! اوهين ٻڌايو تہ ٽنهي ۾ ڪهڙو سڀ کان چڱو؟

## ٥. تتر ۽ گدڙ

هڪڙو گدڙ ۽ تتر پاڙيسري هئا. آهستي آهستي انهن جي پاڻ ۾ گوڙهي دوستي ٿي ويئي. هڪڙي ڏينهن گدڙ تتر کي چوڻ لڳو "يار! تون رڳو دوستيءَ جو دم ٿو هڻين. آءٌ نه سچو سنگتي انهيءَ کي سمجهان جو مونکي کارائي پياري، ۽ کلائي ۽ روئاري، تنهن کانپوءِ منهنجي جان بچائي. اهو ٻڌي تتر چوڻ لڳس ته "ڇگو تون منهنجي پٺيان اچ. جيڪڏهن آءٌ توکي نه کلايان ۽ روئاريان ته تون مونکي ڪجهو ڪائي ڇڏج." ائين چئي تتر پڙڪي ڪاڏي. پريان ٻه مسافر واٽ وٺي ٿي ويا، هڪڙو هو اڳيان ۽ ٻيو هو پٺيان. اڳئين جي هٿ ۾ لٺ هئي جا هن ڪلهي تي کڻي رکي هئي ۽ ٻيو جني هٿ ۾ ڪنيو پٺيان پئي ويو. تتر اهو ڏسي گدڙ کي چيو "يار! هاڻ مات ڪري ويهي مزو ڏس." ائين چئي تتر اڳئين مسافر جي لٺ جي ڇيڙيءَ تي اهڙيءَ طرح وڃي ويٺو جو ڪيس خبر به نه پئي. پٺئين مسافر جي نظر جو تتر جهڙي شڪار تي وڃي پئي، سو واتئين پاڻي ٿي ٻيس. نڪا ڪيائين هم نڪا لي. جني هٿ ۾ هيس، اُن

ماں هڪ موچڙو پيري ٿو ٽڪاءُ ڪرائي ٽترڪي. ٽتر تہ گسائي اُڏامي ويو ۽ موچڙو وڃي اڳئين مسافرجي پڳہ کي لڳو ۽ پٽڪو پٽ تي ڪري پيس. هوُ ڏاڍي ڪاوڙ ۾ اچي پوئين مسافرکان پڇڻ لڳو تہ "تو ٻنا سبب منهنجي مٿي تي موچڙو ڇو هنيو ن؟"

ٻئي ڏاڍي نرميءَ سان جواب ڏنو "دوست! مون تہ ڄاڻي واڻي توکي موچڙو ڪونہ هنيو ن، آءٌ چريو تہ ڪونہ ٿيو هوس، جو اهڙي حرڪت ڪريان. مون تہ ٽترکي ٿي هنيون جو ٽنهنجي لٽ تي اچي ويٺو هو."

پهريون مسافر ڏاڍو اچي چڙيو. چيائينس تہ "هڪ تہ تو منهنجي بي عزتي ڪئي، ٻيو وري مونسان ٺٺولي ٿو ڪرين ۽ ٽترجو ڪوڙو بهانو ٺاهي ٿو پنهنجي جند ڇڏائين. ٻيهرتہ آءٌ ٿو ٽوکي مزو چکايان." ائين چئي هوُ اچي مچريو. پوءِ تہ ٻئي جڻا پاڻ ۾ گنديجي ويا. خوب هڪ ٻئي جي سوڪ ماني پچايائون. ٻنهي جا ڪپڙا ڦاٽي ليڙون ليڙون ٿي پيا.

هوڏانهن وري گدڙ هيءُ ٽماشو ڏسي کلي کلي

ڪيرو ٿي پيو. ايتري ۾ ٻلو آيو ۽ چيائينس ته
”ڪئن يار! ڪر خبر.“

گدڙ چيس ”ڀيلا! بيشڪ تو مونکي ڪلاڪ ڪلاڪ
پيٽ ۾ سوُر وجهي ڇڏيو، پر اهو ته سولو ڪم هو
جو سيکو ڪري سگهي ٿو. هاڻي مونکي رئاري
ڏيکار ته ميان ۽.“ ٻلو کيس پاڻ سان گڏ وٺي اُٿي
هليو ۽ ٿورو پرڀرو وڃي چيائينس ته ”ڏس هوُ
شڪاري شڪار ڪري رهيا آهن. تون سامهون
کٻڙن ۾ وڃي ويهه ۽ منهنجو تماشو ڏسندو رهج.
جيڪڏهن تون نه رنين ته منهنجو ڏمون.“

گدڙ اُتي لڪي ويهي رهيو ۽ ٻلو ڏانهن نهارڻ
لڳو. ٻلو پاسي واري جهڳٽي ۾ وڃي زور سان
ٻنوارڻ لڳو، جو آواز شڪاري ڪتن ٻڌي ورتو ۽
انکي جهلڻ لاءِ ڊوڙيا. ٻلو وٺي انهن کٻڙن ۾ اُڏاڻو
جتي گدڙ لڪو ويٺو هو، سو ڪتا ويڙهي ويس.
گدڙ جان بچائڻ لڳو. اڳيان گدڙ پٺيان ڪتا.
گدڙ گوهيون ڏيندو ڏيندو نيٺ هڪ غار ۾ وڃي
لڪو. ڪتا پوءِ موٽي ويا. گدڙ کي پيٽ ۾ ساهه
پيو. نيٺ سلامتي ڏسي ٻاهر نڪتو ته ڏسي ته
ٻلو ڻ جي هڪ ٽاريءَ تي ويٺو آهي. هاڻ ته ٻلو

ڏاڍي شوق سان پڇڻ لڳس "ڪيئن ڙي يار گدڙ! ڪهڙو حال آهي؟"

گدڙ چيو ته "يار مات نه ڪر، منهنجو ته ڪچومر ئي نڪري ويو آهي. بک ۽ ماندگيءَ کان مران ٿو. هاڻ جيڪڏهن ڪجهه کارائين ته پوءِ ڄاڻندس ته پڪو دوست آهين."

تتر چيس ته "يار! تون وينو ڏس ته آءٌ مڙيوئي ڪا اٽڪل ٿو ڪريان. پريان ڪي زالون پنهنجي مردن جي روٽي ڪٽي ڀنيءَ تي وڃي رهيون هيون، جنکي ڏسنديئي تتر ڦٿڪڻ لڳو. زالن سمجهو ته هي ڪو زخمي تتر آهي، سو اُنکي جهلڻ لاءِ ڊوڙيون پر تتر ٽپ ڏيندو پري سرندو ويو. نيٺ انهن روٽي ڪٽي هيٺ رکي ۽ پاڻ تتر جي پٺيان پيئيون. هوڏانهن وري گدڙ کي لڳو وجهه سو ماني کائي خوب ڍؤ ڪيائين ۽ جڏهن پيٽ ڀريس، تڏهن موٽي اچي ساڳي جاءِ تي وينو. تتر اُڏامي اُتي آيو ۽ پڇيائينس "ڪيئن يار! ڪر خبر؟"

گدڙ چيس ته "بيشڪ تو موکي کارايو، کلايو ۽ رئاريو. پر منهنجي جان ته ڪڏهن ڪانه بچائيءَ."

تتر چوڻ لڳو ته "هاڻ اسانکي موٽي هلڻ

گهرجي ، گهڻي دير ٿي وئي آهي . پر خير اچ تہ ٿورو نديءَ جي پار ٿي اچون . هڪڙو واگهہ منهنجو دوست آهي اهو اسانکي پار اُڪاريندو."

ٻئي ڄڻا نديءَ جي ڪناري وٽ اچي پهتا ۽ واگهہ خوشيءَ سان انهن کي پار پهچائڻ لاءِ راضي ٿيو. ٻئي ڄڻا واگهہ جي پٺيءَ تي سوار ٿيا ۽ هو ترڻ لڳا . پر جڏهن واگهہ نديءَ جي وچ آيو، تڏهن تتر چيو تہ متان واگهہ اسان سان دغا نہ ڪري . جيڪڏهن اُن دوکو ڏنو تہ پوءِ اسان ٻنهي جي حياتيءَ جو خير ڪونهي .

گدڙ چوڻ لڳو تہ "بيشڪ اهڙي حالت ۾ اسان کي وڏو ڊپ آهي ."

تتر جهٽ چوڻ لڳو تہ "مونکي ذرو بہ ڊپ ڪونهي . آءٌ تہ جهٽ اُڏامي ويندس . باقي تون سو ٻنا پرن آهين، غوطا کائي ٻڏي مرندين."

هيءُ جواب ٻڌي گدڙ جو رنگ ئي پيلو ٿي ويو ۽ ڊپ وچان ٿڙ ٿڙ ڏڪڻ لڳو. ايتري ۾ هيٺان واگهہ جو آواز آيو تہ مونکي ڏاڍي بک لڳي آهي . سو آءٌ پاڻيءَ ۾ ٽٻي هڻي ڪجهہ کائڻ ٿو گهران .

هاڻ تہ گدڙ جو رهيو کهيو ساهہ بہ سڪي ويو.

ٽڏر ڪانوڙجي چوڻ لڳس ”يار واگهوءَ! اسان سان دغا ڪرڻ اجائي آهي. تون ڄاڻين ٿو ته يڪدم اُڏامي هليو ويندس باقي رهيو منهنجو دوست گدڙ، سو تون انهيءَ ڪي به ڪا تڪليف رسائي نٿو سگهين، ڇاڪاڻ ته هو جڏهن به گهر کان ٻاهر نڪرندو آهي، تڏهن پنهنجو ساهه هڪڙي مضبوط ٻيڙيءَ ۾ رکي ايندو آهي.“

هي ٻڌي واگهوءَ هڪو ٻڪو ٿي ويو ۽ ٻنهي کي وچي پار پهچايائين. جڏهن ڪناري تي پهتا، تڏهن ٽڏر چوڻ لڳس ته ”ڪئن سائين! هاڻي ته مون سمورا شرط پورا ڪيا.“

گدڙ چوڻ لڳو ته ”بيشڪ تو جيڪي چيو سو ڪري ڏيکاريو. پر مونکي قسم آهي پنهنجي جان جو ته تو جهڙي حرفتيءَ سان منهنجو گذارو ٿي ڪين سگهندو. هاڻي خدا حافظ!“

ائين چئي گدڙ پنهنجي غار ۾ آيو ۽ ٽڏر اُڏامي آکيري ۾ ويو.

# ٦. چار يتئي

چئن ماڻهن پاڻ ۾ اهو انجام ڪيو ته اسين هڪ ٻئي سان کهڙي به ڳالهه ڪريون، پر اسان مان ڪو به ڪنهن ٻئي کي ڪوڙو نه ڪوٺي ۽ جيڪڏهن سڏيندو ته هڪ هزار روپيه ڏنڊ ڀريندو. تنهنڪري ڏنڊ جي ڀؤ ڪري جڏهن چارئي پاڻ ۾ يت هٽندا هئا، ڏنا وائتا ڪوڙ سڻيندا هئا ته به ٻيا ائين نه چوندا هئا ته اهو ڪوڙ آهي. انهن چئن ۾ هڪ سؤداگر به هو. هڪ ڏينهن باقي ٽي دوست يت شت هٽي رهيا هئا ته اتفاق سان سؤداگر جي زبان مان نڪري ويو ته اهو ڪوڙ آهي. يڪدم ٽنهي ڪيس ڪٽي جهليو ۽ چيائونس ته ڪڍ هزار روپيه.

هن ويچاري وٽ ته اُن وقت ايڏي رقم ڪانه هئي، سو پاڻ وٽ ويو ۽ هزار روپيه آڻي انهن جي حوالي ڪيائين. اُن کانپوءِ ڪجهه ڏينهن خير سان گذريا. هڪ ڏينهن وري اُهي دوست پاڻ ۾ قصا ڪندا وينا ۽ اهڙيون ڪوڙيون ۽ اَڻ ٽيڏيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا جو وري به سؤداگر جي زبان مان بي اختيار نڪري ويو ته اهو ڪوڙ ٿا سڻيو. هنن وري ڪيس پڪڙيو ۽ هزار روپيه گهريائونس.

ويچاري سؤداگروري به ياءُ وٺان هزار روپيه آڻي کين ڏنا.

ٿئين ڀيري وري ائين ئي ٿيو. پوءِ ته سؤداگر جي ياءُ چيس ته "يائي! تون ڪمائين ته ڪجهه ڪين ٿو، اُٿلندو هربار هزار هزار روپيه وڃي ٿو وڃين. ائين ڪيسين ناءُ گذارو ٿيندو." هن جواب ڏنو ته "يائي چا ٻڌايان. عجيب مشڪلات ۾ وڃي ڦاٿو آهيان. اسان چئن دوستن پاڻ ۾ اهو انجام ڪيو آهي ته اسين ڪڏهن ٻهڪ ٻئي کي ڪوڙ نه ڪوٺيندا سون، مگر هوُ ٽي دوست اهڙا ته ڪوڙ ٿا سٽين جو بي اختيار منهنجي زبان مان ائين نڪريو وڃي ته هي بلڪل ڪوڙ آهي. ايتري چوڻ تي هزار روپيه ڏنڊ ڀري ڏيڻو پوي ٿو."

سندس ياءُ چيو ته "نڌهن تون گهر ويهي رهه. مان تنهنجي بدران ٿو وڃان." هوُ ويو ۽ وڃي تنهي کي سلام ڪيائين. هنن پڇيس ته تنهنجو ياءُ ڪٿي آهي؟" هن جواب ڏنو ته "اُهو هاڻي ڪين ايندو. مان هن جي بدران آيو آهيان." هنن چيس "نڌهن توکي به ساڳيو شرط قبول ڪرڻو پوندو، جو تنهنجي ياءُ قبول ڪيو هو." هن چيو ته "چڱو، پر اڳي اوهان هڪ هزار جي

شرط مقرر ڪئي هئي. هاڻي پنج پنج هزار جي شرط مقرر ڪريو." هنن سمجهيو ته هيءُ به ٻيا وانگي بيوقوف هوندو، سو قبول ڪيائون ۽ خوب دل کولي ڪوڙا ڏيڻ هڻڻ شروع ڪيائون. ٽئون سوداگر سڀ ڪوڙ ٻڌي به چوندو رهيو سچ آهي. سڀ سچ آهي.

جڏهن هو ڪوڙ هڻي ٿڪا ۽ ڪجهه ڪين وڙين، تڏهن سوداگرچيين ته پائي هاڻي مان پنهنجو حال ٿو ٻڌايان. اوهين ڪن لائي ٻڌو: منهنجو ڏاڏو جڏهن حيات هو، تڏهن هن هڪ نهايت عمدي ٻلي ۽ قداور گهوڙي رکي هئي. اُها گهوڙي هڪ وڻ جي ٻڙ هيٺان ٻڌل رهندي هئي. هڪ ڏينهن اتفاق سان ٻڙ جو ڏيلهو اچي سندس پنيءَ تي ڪريو ته اُتان ٻڙ جو ٻوٽو پيدا ٿيو ۽ اُهو وڌندو وڌندو وڏو درخت ٿي ويو. منهنجي ڏاڏي ويچار ڪيو ته هن وڻ مان ته ڪو هرج ڪونهي، هرويرو ڇو ڪٽيان. خير وڻ وڌندو وڌندو ايڏو وڏو ٿي ويو، جو اُنجي ڇانوَ سوَن ڪوهن تي پوڻ لڳي. گهوڙي اُن وڻ سوُڌي گهمندي چرندي وتندي هئي.

اتفاق سان هڪ سال ملڪ ۾ اهڙو اچي ڏڪار

پيو جو ماڻهو برسات لاءِ سڪندا رهيا. هنن گهڻيون ئي سڪائون باسيون، پر مينهن جي بوند به نه وسي ۽ پني بارو ڪجهه ڪو نه ٿيو. بعضي بعضي آسمان ۾ ڪو بادل نظر ايندو هو، پر اُهو به ڪين وسندو هو. زمين سڪي ٺوٺ ٿي ويئي ۽ زميندارن کي ڏاڍا نقصان پيا. منهنجي ڏاڏي ويچار ڪيو ته اناج ملڪ ۾ ٿورڙو وڃي بچيو آهي. گهوڙيءَ جي پنيءَ تي هيڏو وڏو گهاٽو درخت آهي، چونه اُن تي ڪجهه پوکيان. اهو پهه پچائي هن اُن وڻ تي خوب مٽي وڌي. مٽي جمندي ويئي، تانجو وڻ يڪجي ويو ۽ مٿان هڪ شاهي ميدان بڻجي پيو. منهنجي ڏاڏي اُن ۾ ڪڻڪ ۽ باجهري پوکي: منهنجو ڏاڏو پوءِ جتي بادل وسندو ڏسندو هو. تتي گهوڙي پچائيندو ته سموري بارش گهوڙيءَ جي پنيءَ مٿان کيتيءَ تي وڃي پوندي هئي. اُن ريت پلو فصل پچي تيار ٿيو. هيٺان گهوڙي، مٿان گهاٽو وڻ، اُنجي مٿان سرسبز فصل. پوءِ موج ڏسڻ وٽان هئي. فصل پڪو ته جهار اچي پيئي.

منهنجي ڏاڏي، خدا کيس خوش رکي، وڏي ڪاريگر هئي. هن ريشم جي سنهن ڌاڳن مان

جاري ٿاهي ڪٽي فصل جي مٿان وڌي ته سڀ ڀٽيرا اُن ۾ ڦاسي پيا جي اسين پُڄي پُڄي خُوب وتُون ڪيندا هئاسون. جڏهن لابارو پيو، تڏهن اوهان تنهي جا ڏاڏا به اُتي موجود هئا، جن منهنجي ڏاڏي کي چيو ته ”پاڻي، اسين بڪ ته مرون. اسان کي سؤ سؤ مڻ باجهري جا ڏي. اُن باجهريءَ جي قيمت اسانجا پٽ ته ڏيئي ڪين سگهندا، باقي پنهنجي پوٽن کي چئج ته اسانجي پوٽن کان وٺن. سو پاڻي، سؤ سؤ مڻ باجهريءَ جا اوهانجي ذمي آهن، جن جي قيمت پري ڏيو.“ تنهي ساڳي وقت زور سان پڪاريو ”ڪُوڙ، نسُورو ڪُوڙ!“ تڏهن سؤداگر چيس ته ”ڪُوڙ، ته آڻيو شرط موجب پنج پنج هزار ڏنڊ جا. باجهريءَ جي رقم نه ملي ته نه ئي سهين.“ تنهي لاچار ١٥ هزار روپيه پري ڏنا، جي سؤداگر ڪٽي پنهنجي پاڻ وٽ ويو ۽ ڪيس چيائين ته ”تون ٣ هزار وڃائي آئين. مان اُهي ته ڪڍي آيس، پر ١٢ هزار رُونگه ۾ آندم.“

تن سنگتين جو ته ڏيوالو نڪري ويو ۽ آئينده ڪُوڙ ڳالهائڻ کان توبه ڪيائون.

---

## ۷. حاجياڻي ٻلي

هڪ وڻ تي هڪ ڳجهه رهندي هئي. ويچاري ٻڍي ٿي ويئي هئي، جنهنڪري سندس ننهن ڪري پيا هئا، اکيون خراب ٿي پيون هيس ۽ بدن ۾ طاقت گهٽجي ويئي هيس. اُن وڻ تي ڪيترن پکين جا آکيرا هئا، جن ۾ سندن ننڍڙا ٻچڙا پيدا هوندا هئا. پکين پاڻ ۾ صلاح ڪري ڳجهه کي اُتي رهايو ۽ ٻچڙن جي سنڀال جي عيوض کيس کائڻ پيئڻ لاءِ ڏيندا هئا.

هڪ ڏينهن هڪ ٻلي اچي وڻ تي نڪتي ۽ پکين جا ٻچا ڏسي ڏاڍي خوش ٿي ته روز روز جي شڪار ڳولڻ کان جند ڇٽي. مگر پکين جي ٻچن ٻليءَ کي ڏسي وٺي شور مچايو، جنهن تي ڳجهه وڏي آواز سان پڪاريو ”ڪير آهي؟“

ٻلي ٻڌي ويئي ته ڪمبخت ڳجهه ڪٿان اچي مئي. پر ٻلي هئي چالاڪ سو نماڻائيءَ سان چيائين ”چاچي ڳجهه سلام!“

ڳجهه – تون ڪير آهين؟

ٻلي – مان ٻلي آهيان.

ڳجهه – مردار، تون هتي ڇو آئي آهين؟ سر تي پير رکي ڀڄ، نه ته هن دم ڦاڙي ٽڪر ٽڪر

ڪري ڇڏيندي ساڻ.

ٻلي - واه چاچي واه! گهر آئي جو اجهو اهو ٿي آدر ڪرين. ٻيهرين ڳالهه ته ٻڌ.

ڳجهه - ڇو ڇاڻي چوين؟

ٻلي - مان حاجياڻي آهيان. حج ڪري آئي آهيان. گوشت کائڻ ڇڏي ڏنو اٿم. رڳو ڦل ڦول تي گذران ڪندي آهيان. مون تنهنجي ساراهه ٻڌي. سوچيم ته چاچيءَ کان ڪجهه نصيحت پرايان ۽ سندس زيارت ڪريان. مگر هتي اچڻ سان پتو پيو ته تون ته مهمان کي مارڻ لاءِ تيار ويٺي آهين. گهر آئي دشمن جي به خدمت ڪرڻ گهرجي. تون چاچي، تنهنجي نيڪي گهٽي سو مون غريب تي ڇا ٿي ڏمري آهين؟

ڳجهه، جو پنهنجي ساراهه ٻڌي، سو سندس ڪاوڙ لهي ويئي ۽ آهستي چيائين "ٻلي، هتي پکين جا ٻچا آهن. ان ڪري خيال ٿيم، نه ته تنهنجو اچڻ منهنجي اکين تي."

ٻليءَ سمجهيو ته بازي ماريم، سو اکيون ٽمڪائي چوڻ لڳي ته "چاچي، الله الله ڪر. مون ته مدت کان گوشت کائڻ ڇڏي ڏنو آهي. هن ڪمبخت پيٽ ڪاڻ، جو جهنگ جي گاهه سان

پرجي سگهي ٿو، ڪنهن کي ڇو ماريان. مان قسم کڻي ٿي ٻڌايانءِ."

ڳجهہ-موڙکي ٽوٽي ويساه آهي. قسم ڇو ٿي کڻين!

ٻلي - منهنجو تہ ارادو آهي تہ تنهنجي صحبت ۾ مان ڪجهہ فيض پرايان ۽ ڪنڊ پاسي ويٺي عبادت ڪريان.

ڳجهہ - بيشڪ شوق سان عبادت ڪر. هوُ سامهون جيڪو وڻ آهي، اُن ۾ وڏو سوراخ آهي مزي سان وڃي اُتي رهہ. پر ڏسج ڪنهن ٻچي کي نقصان نہ پهچائج.

ان ريت ٻلي اُتي رهڻ لڳي. صبح جو ويهي تسبيح ڦيريندي هئي، پر جڏهن منجهند ٿيندي هئي، پکي بہ ٻاهر هوندا هئا ۽ ڳجهہ کي بہ ننڊ کڻي ويندي هئي، تڏهن چپچپ ڪري هڪ ٻہ ٻچو کڻي وڃي کائيندي هئي. شام جو پکي ٻچا ڪين ڏسي سمجهندا هئا تہ اهي ڳجهہ جا ڪرتوت آهن. ٻہ چار ڏينهن تہ ماٺ ڪيائون. پر جڏهن ڏهاڙي ٻچا ڪٽڻ لڳا، تڏهن شور مچايائون. ٻلي تہ اڳيئي کسڪي ويئي هئي، سو پکين اچي ڳجهہ کي ورڪو ۽ کيس چهنبن سان ٽڪي ماري ڇڏيائون. دوکيبازن جي سنگت مان اجهو اهو نقصان آهي

## ٨. ڏاهو گدڙ

هڪ بازيگر هو. ماڻهن کي باندر جو ناچ ڏيکاري گذران ڪندو هو. هڪ ڏينهن شام جو بازيگر خفي ٿيندو ۽ ڪاوڙبو گهر آيو ۽ اچي زال کي چيائين "ڪاسائيءَ کي ڪا گهراءِ."

زال پڇيو "ڇاجي لاءِ؟"

بازيگر چيو "هن ٻڍي باندر کي ڪاسائيءَ کي وڪڻندس."

زال چيس "ميان خدا خدا ڪر. هي ڇاڻا چئو. هي باندر اوائل ڪانوڻي اسان پاليو آهي. هنئر ٻڍاپي ۾ ڪيئن ڪاسائيءَ کي وڪڻي ڇڏ يندا؟"

بازيگر چيو "وڪڻندس نه ته ٻيو ڇا ڪندس. گهر ۾ ويهي کارائيندس ڇا؟"

زال جواب ڏنو "گهر ۾ ويهي ڇو کارائيندا؟ هو نه خود ناچ وغيره ڪري کائي ٿو ۽ اسانکي به روزي ٿو ڏئي."

بازيگر چيو ته "ٻڍاپي ڪري سندس عقل ڇٽي ويو آهي. نچڻ جو ڍنگ وسري ويو اٿس. ان ڪانسواءِ نچڻ مهل سهڪو ٿو لڳائي ڏي. مان اشارو ڪريان ته هو سمجهي ئي نه. ڏس اڄ سڄو

ڏينهن ڳوٺ ۾ ڦريو آهيان ته مس چار پئسا مليا آهن."

زال چوڻ لڳي ته "اُن هوندي به هيتري وقت جي پاليل جانور کي ڪاسائيءَ کي وڪڻبو ڇا، ته هوُ ڪيس ڪهي ڇڏي؟"

بازيگر چيو "تڏهن ڇا ڪريان. جانور جڏهن نڪمو ٿيو، تڏهن ان بدنصيب جو مرڻ ئي چڱو آهي."

هيڏانهن زال مڙس ۾ هي ڳالهيون هلي رهيون هيون هوڏانهن دريءَ کان باندر سڀڪجهه ٻڌي رهيو هو. هيءَ ڳالهه ٻڌي ويچاري جو رت ئي سڪي ويو. دل ۾ چوڻ لڳو "افسوس! ڇا، تقدير ۾ اهوئي لکيل هو. آخر ڪاسائيءَ جي هٿان مرڻو پوندو. ڪاسائي ڇريءَ سان منهنجو سر ڪاٽيندو. پوءِ ڪل لاهي ٽڪرٽڪر ڪندو ۽ بازار ۾ گوشت وڪڻندو. ماڻهو اُهو گوشت خريد ڪري رڌي ڏندن سان چٻاڙيندا. هاءِ هاءِ.

ويچار ڪندي ڪندي باندر جي ڇاتي ڌڙڪڻ لڳي. اکين مان آنسون وهڻ لڳس. هنئڙ ڇا ڪجي. هن مصيبت مان ڪئن ڇٽجي. آخر

عقل بہ باندر جو هوس . کيس کابہ تدبير کانہ سجهي ، تڏهن هنکي اوچتو گدڙ جي يادگيري پيئي . هوُ دل ۾ چوڻ لڳو تہ فلاڻو گدڙ منهنجو ننڍي جو دوست آهي . ننڍي هوندي اسين ٻئي رانديون روندﻳون کندا هئاسين . وڏهندا جهڙندا هئاسون . گدڙ خوب چالاک بہ آهي . کانئس کا صلاح وٺان . مصيبت جي وقت دوستن کان ئي مدد ملندي آهي .

رات جي وقت باندر گهر مان چپ چاپ نکري ڏکندو ڏکندو گدڙ جي گهر اوٽ پهتو . دروازي وٽ بهي سڏ کيائين "دوست گدڙ ، وينو آهين ."

گدڙ پڇيو "هن وقت رات جو کير آهي ؟"

باندر – مان آهيان مان .

گدڙ – مان کير؟

باندر – مان آهيان باندر .

"ائين چؤ نہ ."

گدڙ جهٽ پٽ دروازو کوليو . باندر کي ڀاکر پاتائين ۽ کيس اندر وٺي ويو .

اندر پهچي باندر روئڻ لڳو. گدڙ پڇيس ته "ڇا ٿيو آهي. روئين ڇو ٿو؟"

باندر- ظلم ٿي ويو.

گدڙ- ڪهڙو ظلم؟ ڳالهه ڪولي ٻڌاءِ.

باندر روئندي روئندي چيو "ڪولي ڇا ٻڌايانءِ. دوست مونکي ڪنهن نه ڪنهن طرح بچاءِ.؟

گدڙ بگڙجي چيو "پهريائين ٻڌاءِ ته ٿيو ڇا آهي بنا ٻڌڻ جي ڪئن توکي بچائيندس."

باندر نرميءَ سان چيو "دوست! ڪاوڙجين ڇو ٿو؟ سڀڪجهه ٻڌايانءِ ٿو."

اُن ڪانپوءِ باندر منڍ کان پڇاڙيءَ تائين سموري ڳالهه گدڙ کي ٻڌائي.

ٻڌي گدڙ چيو "بيشڪ هيءَ وڏي آفت چئبي."

باندر- هنئريلا اُنجو ڪهڙو بندوبست ڪجي.

گدڙ چيو "يائي! ڪاسائيءَ وٽ نه تون هڪ ڏينهن به جيئرو ڪين رهندين.

باندر جو منهن سڪي ويو. چيائين "تڏهن ته پڇان ٿو ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي."

گدڙ - ترس ويچار ڪريان.

ائين چئي گدڙ اڪيون بند ڪري ڪجهه سوچڻ لڳو. باندر جو سندس سامهون ويٺو هو، سو ٻ پ ۾ ٽڙ ٽڙ ڪنبيو. ٿوري وقت ۾ گدڙ اکيون کوليون ۽ چيو "ڪجهه فڪر نه ڪر سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. تون هنئر موٽي گهر وڃ."

باندر گهبرائجي چيو "ٺيڪ چيا، ڪجهه ٻڌائيندين به؟"

گدڙ پڇيو ته "تنهنجي مالڪ کي ڪو ٻار ٻچو آهي؟"

باندر چيو ته ها. هڪڙو ننڍڙو ڪڪو اٿس. ماڻس ڪيس روز صبح جي وقت اُتر طرف جا دري آهي اُنجي پرسان ليٽائي ڇڏيندي آهي.

گدڙ چيو ته "هنئر ڪو فڪر نه ڪر ۽ موٽي گهر وڃ."

باندر - گهر وري ڪٿان وڃان، پهريائين ٻڌاءِ ته ڪهڙي رٿ بهاري اٿيئي. جيستائين ٻڌائيندين نه تيستائين چالي جي ڏڪڻ بند نه ٿيندي.

گدڙ - خوف ڪرڻ جو ڪو ضرور ڪونهي. تون گهر وڃي بي فڪر ٿي سمهه.

باندر ويچارو ڏڪندو ڏڪندو گهر ڏانهن روانو ٿيو. گدڙ ڪيس گهر تائين پهچائڻ آيو. گهر وٽ پهچي گدڙ ڪيس چيو ته ”سڀاڻي صبح جو جڏهن مان تنهنجي گهر اچي توکي سڏ ڪريان، تڏهن تون يڪدم منهنجي پٺيان هليو اچج. هوشيار ٿجانءِ.“

اُها ساري رات باندر کي ننڊ ڪين آئي. صبح جو سوير اُٿي گدڙ بازيگر جي گهر آيو ۽ چپ چاپ اُترواريءَ دريءَ وٽ پهتو. ڪڪو اُنوقت تنگون اُڇلائي اُڇلائي راند ڪري رهيو هو. گدڙ ڪڪي کي چڪ وجهي ڪُڙي اُٿي ڀڳو. ڪڪو زور سان روئڻ لڳو. روئڻ جو آواز ٻڌي ماڻس ڊوڙندي آئي پر ڇا ڏسي ته ڪڪي کي ڪو جانور ڪُڙي ڀڄندو پيو وڃي. مائي دانهون ڪرڻ لڳي ”اڙي هي ڇاٿي ويو، ڪوئي منهنجي ٻچي کي ڇڏائي.“

هيڏانهن گدڙ ڀڄندو ڀڄندو باندر کي چوندو ويو ”ٿي ويو. ڪم فتح ٿي ويو. هاڻي هلبو آءُ.“ باندر اول ئي تيار ويٺو هو. سڏ ٻڌي جهٽ گدڙ جي پٺيان ڊوڙڻ لڳو.

مائيءَ جي روئڻ ۽ رڙين جو آواز ٻڌي بازيگر

ڇرڪ ماري اُٿيو ۽ چيائين ”ڇا ٿيو آهي؟“

ڪڪي جي ماءُ روئي چيو ”هاءِ بغداد ٿيو. هنئر ڪڪو ڪڏهن موٽي ڪي ملندو.“

بازيگر پڇيو ”ڇو ڇا آهي؟“

”ڪڪي کي بگھڙ کڻي ويو.“

بازيگر گھبرائجي پڇيو ”ڪيڏانهن کڻي ويو؟“

ماءُ روئندي روئندي چيو ”جهنگل ڏانهن.“

بازيگر لٺ کڻي جهنگل طرف ڊوڙيو. ماءُ گهر ۾ ويهي روئڻ لڳي. ڪجهه دير کانپوءِ بازيگر سهڪندو سهڪندو گهر موٽيو. زال پڇيو ”ڪڪو ڪٿي؟“

بازيگر روئندي روئندي جواب ڏنو ”ڳوليم، ڏاڍو ڳوليم. مگر ڪٿي به پتو ڪونه پيو. هيڏي گهاٽي جهنگل ۾ ڪٿي ٿو پتو پوي.“ ائين چئي هو مٿي تي هٿ رکي ويهي رهيو.

هوڏانهن گدڙ گهاٽي جهنگل ۾ پهچي هڪ ٻوڙي ۾ لڪي ويٺو. باندر به اچي اتي پهتو. ٿوري دير رکي گدڙ چيو ”وٺ دوست! وٺ هاڻي هن ڪڪي کي وٺي گهر موٽ.“

ڪڪي کي گود ۾ وٺي باندر آهستي آهستي

گهر ڏاڍهن هليو. گهر ۾ رودن لڳو پيو هو. ماءُ پيءُ ڪڪي جو آسرو لاهي ويٺا هئا.

ڪڪي کي گود ۾ ڪڍي راند ڪرائيندو باندر اچي پهتو. ڪڪي کي ڏسي ماءُ پيءُ جي خوشيءَ جي حد نه رهي. ڪڪي جي ماءُ جهڙو پيار مان پٽ کي ڪڍي چاڙيءَ سان لڳايو اهڙوئي پيار باندر کي به ڪيو. باندر جي ڪريءَ ڪيس ٻچو موٽي مليو هو.

هوءَ پنهنجي مڙس کي چوڻ لڳي "تو هيتري سٺي ايماندار باندر کي ڪاسائيءَ کي وڪڻڻ ٿي چاهيو؟

بازيگر بيدي باندر جو منهن چمي چيو "مون کان چوڪ ٿي." هنئر ته باندر ڏاڍو مزي ۾ پيو کير مليدا کائي.

# ٩. ٻلي ۽ باز

هڪ ٻيڍو آدمي پنهنجي زال ۽ پٽ سميت جهنگل ۾ هڪ جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو. جيستو ڏيک هوُ تمام ٻوڙهو ٿي ويو هو ته به پنهنجو ڪم ڪار چڱي طرح ڪندو هو ۽ ايترو ڪمائيندو هو جو پاڻ ۽ سندس ٻار ٻچا چڱي طرح گذران ڪري سگهندا هئا.

اتفاق سان هڪ ڀيري سخت بيمار ٿي پيو. سندس حالت اهڙي بگڙي ويئي جو هن سمجهيو ته هاڻي هن بيماريءَ مان بچڻ ڪونهي. هن پنهنجي زال کي چيو ته پٽ کي سڏ ڪري وٺ ته مونکي جيڪي سمجهائڻو چوڻو اڪڻو آهي سو کيس چئي ڪري وڃان.

سندس پٽ اُن وقت ڪنهن ويجهي ڳوٺ ۾ گهر جي ڪم هاج سان ويو هو. موٽڻ تي هوُ جهٽ وڃي ٻيءَ وٽ حاضر ٿيو. پڻس کيس پاسي ۾ وهاري چيو ”منهنجا پيارا ٻچا! منهنجي مرڻ جو وقت اچي پهتو آهي. مونوٽ ڪو مال ملڪيت ڪونهي جو توکي ڏيئي وڃان. مونوٽ فقط ٻه شيون آهن جي توکي ڏيئي ٿو وڃان. هڪ باز، ٻي ٻلي. جيڪڏهن تون انهن کان چڱي طرح ڪم

وننديون ته لوڪي ڏٺيءَ جي فضل سان پيٽ ڦوُٽ
جي ڪڏهن به تڪليف ڪانه رهندي. ٻچا، جهڙي
طرح تو منهنجو چيو ٻڌي مڃيو آهي، تهڙي طرح
ماءُ جو به چيو مڃيندو رهج ۽ سندس عزت ڪندو
رهج. چڱو هنئر آسرو الله جو!" ائين چئي ٻڌي
پنهنجو منهن پٽ طرف ڦيرايو ۽ هن دنيا مان
موڪلائي ويو.

( ٢ )

ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ ڇوڪرو ٻليءَ ۽ بازڪي وٺي
جهنگل طرف روانو ٿيو. جهنگل ۾ هڪ ٻنڍ هئي.
اُن جي ڪناري تي هڪ وڻ تي پکي ويٺا هئا.
ڇوڪري بازڪي پکين کي پڪڙڻ لاءِ اشارو ڪيو.
جهٽ ۾ باز ڦيرو ڏيئي به چار پکي ڦاسائي اچي
نڪتو. ڇوڪرو اُهي پکي پنهنجي گوڏريءَ ۾ وجهي
گهر ڏانهن روانو ٿيو. رستي ۾ هڪ نانگ گڏيس.
جنهن کيس چيو "اي نوجوان! تون ڏاڍو چڱو آهين
۽ تون پنهنجي پيءُ جو نالو ڪيندين. مهرباني
ڪري تون مونسان ٻنڍ تائين هل. ڪو به فڪر نه
ڪر. منهنجو هڪ ٿورو ڪم آهي لوڪان ئي ٿي
سگهندو."

ٿوري وقت ۾ هوُ اچي ٻنڍ وٽ پهتا. نانگ

ڪيس چيو ته ”تون اکيون بند ڪري هن ٻيڙيءَ ۾ گهڙ. توکي ائين معلوم ٿيندو جڻ تون ٻڏين ٿو مگر تون ڪو به خيال ڪين ڪج. ٿوري وقت ۾ تون ٻيڙي جي تري تائين پهچي ويندين اُتي توکي چاندي، سون ۽ قيمتي جواهرن جا وڏا ڍيڳ ڏسڻ ۾ ايندا پوءِ جيترو مال تون کڻي سگهين اوترو کڻي اچج ته اسين ٻئي پاڻ ۾ ورهائي کڻنداسين.“

نوجوان پهرين ته گهٻرايو، پر تنگ ڪيس دم دلاسو ڏنو ته تون ڪو به ڊپ ڪين ڪر. تڏهن هو ٻيڙيءَ ۾ گهڙيو ۽ آهستي آهستي ويو اندر پوندو. ٿوريءَ دير ۾ سندس پير تري کي وڃي لڳا. چوڌاري ڏسي ته سون جا ڍير لڳا پيا آهن، انهن جي وچ ۾ هڪ هيري وانگي چمڪندڙ اڇو پٿر رکيو آهي ۽ اُنجي مٿان ڪي عجيب نشان لڳا پيا آهن. نوجوان وڃي اهو پٿر کنيو ۽ غور سان ڏسڻ لڳو ته هيءَ ڪهڙي شيءِ آهي ته ايتري ۾ پٿر چيو ”اي نوجوان! جيڪڏهن تون مونکي پاڻ وٽ رکندين ته تنهنجون سڀ خواهشون پوريون ٿينديون رهنديون. تون مونکي پنهنجي ٽوپيءَ ۾ لڪائي ڇڏ. ٻاهر جيڪو تنهنجو ساٿي آهي سو ٺڳ آهي اُن کي رڙ ڪري چؤ ته مان موتي ٿو اڇان.

جڏهن تون ٻاهر پهچين تڏهن ڪيس چئج ته مان ڏنڊ جي ڪري وٽ پهچي چڪس ته اينري ۾ هيئان ڪو آواز آيو ۽ مون ٻڌي توکي سڏ ڪيو ۽ خالي هٿين موٽي آيس."

نوجوان اهڙي طرح ڪيو. جڏهن ٻاهر نڪتو تڏهن جاد وگر پڇيس ته "ٻڌاءِ ڪيترو سون چاندي آندو اٿيئي."

نوجوان جواب ڏنو ته "اتي ته اهڙيون اهڙيون شيون رکيون هيون جو مان ڏسي حيران ٿي ويس. اينري ۾ مونکي ڪنهن جي پيرن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ مان ٻڌي ٻاهر نڪري آيس."

اهو ٻڌي نڱ ڪاوڙجي چيو ته "مون ته سمجهو ته تون خوب سون چاندي ڪڍي ايندين پر تون ته بلڪل نڪار ڇوڪرو آهين." ائين چئي نڱ روانو ٿي ويو.

( ۳ )

جڏهن نڱ گهڻو پري نڪري ويو ۽ نظر کان غائب ٿي ويو، تڏهن نوجوان پنهنجي ٽوپيءَ مان پٿر ڪڍيو ۽ اُنکي چيو "اي پٿر! مونکي هڪ سهڻو اُٺ ۽ قيمتي پوشاڪ کپي."

پٿر چيو "تون گهڙي کن پنهنجون اکيون ٻوٽ."

نوجوان گهوڙي کي اکيون بند ڪري ورتي جو پتي ته چا ڏسي ته سامهون اُٺ بيٺو آهي ۽ اُن جي مٿان ڏاڍا سهڻا قيمتي ڪپڙا رکيا آهن. اهو ڏسي نوجوان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجا پراڻا ڪپڙا لاهي نوان پائي اُٺ تي چڙهي گهر ڏانهن روانو ٿيو.

گهر پهتو ته سندس ماءُ دروازي وٽ ويٺي هئي. هن جو ڏٺو ته ڪو وڏو ماڻهو قيمتي ڪپڙا ڪري اُٺ تي چڙهي آيو آهي سو اُٿي جهڪي سلام ڪيائين. ڇوڪرو اهو ڏسي کلي ويٺو ۽ ماءُ کي چيائين "چا اَما! تو مونکي ڪونه سڃاتو؟ مان تنهنجو پٽ آهيان نه."

ماڻس پڇيس "تو هي ڪپڙا ۽ اُٺ ڪٿان آندا؟"

ڇوڪري جواب ڏنو ته "اهي ڳالهيون پوءِ پڇج. پهريائين تون هڪ ڪم ڪر. بادشاهه وٽ وڃ ۽ کيس چؤ ته پنهنجي ڌيءُ جي مونسان شادي ڪري."

سندس ماءُ اهو ٻڌي حيران ٿي ويئي. سمجهيائين ته شايد ڇوڪري جو مغز ڦري ويو آهي. ڇوڪرو ماءُ جو منهن ڏسي سمجهي ويو ۽ چيائين ته "اَما! مان چريو ڪين ٿيو آهيان. تون ڪو به خيال نه ڪر. جئن چيو مانءِ تئن وڃي ڪر.

جيڪڏهن بادشاھ ڪوئي شرط وجهي تہ اھو قبول ڪري اچج. مان ڪڏهن نہ ڪنهن نموني اُهو شرط پورو ڪندس."

جڏهن ڇوڪري ماءُ کي پنهنجو ارادو ٻڌائي ۽ ڇوڪري تيار ٿي، تڏهن ڪيس تسلي ٿي ۽ هوءَ بادشاھ جي محل ۾ ويئي ۽ جتي دربار ٿيندي هئي اُتي پهتي.

( ۳ )

جڏهن دربار مان سڀ آدمي روانا ٿيا ۽ بادشاھ ۽ سندس وزير باقي بچيا، تڏهن مائي بادشاھ جي ويجهو آئي ۽ چوڻ لڳي "بادشاھ سلامت! منهنجو پٽ اوهانجي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي."

بادشاھ سمجهيو تہ ٻڍي ڪا چري ٿي ڏسجي. مگر کيس ٻڍيءَ تي رحم آيو. کيس هڪالي تہ نہ ڪڍيائين پر کيس چيائين تہ "پنهنجي پٽ کي چئج تہ جيڪڏهن منهنجي ڌيءُ سان شادي ڪرڻ ٿو چاهين تہ پهريائين برف جو اهڙو محلات ٺهراءِ جنهنجي چوڌاري باھ ٻرندي هجي ۽ جنهن ۾ دنيا جا تمام سهڻا ۽ سٺا پکي هجن."

مائي سلام ڪري چيو "حضور، اهو سڀڪجهہ ٿي سگهندو" ۽ پوءِ دربار مان نڪري آئي. محلات

جي ٻاهران سندس پـٺ سا ڳيا اڳيان پراڻا ڪپڙا پائي بيٺو هو. ماڻس ڪيس نڪرنديءَ بادشاه جو شرط ٻڌايو. ڇوڪري چيو اها ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي مون تہ سمجهيو هو تہ بادشاه ڪو وڏو باري شرط وجهندو." ائين چئي ڇوڪرو اڪيلو جهنگل طرف روانو ٿيو ۽ پنهنجي ٿو پيءُ مان پٽر ڪڍي اُنکي چيائين "اي پٽر! مونکي هڪ برف جي محلات جي ضرورت آهي جنهنجي چوڌاري باه ٻرندي هجي ۽ منجهس تمام سهڻا مٺين ٻولين وارا پکي هجن."

پٽر چيو "تون گهڙي ڪن اکيون بند ڪر."

نؤجوان اکيون بند ڪيون. ٿوري وقت کانپوءِ اکيون کولي ڇا ڏسي تہ سامهون هڪ سهڻو محلات بيٺو آهي. اهو ڏسي نؤجوان گد گد ٿيندو گهر آيو.

( ٥ )

ٻئي ڏينهن بادشاه پنهنجي محلات جي ڪڏ تي چڙهيو تہ سامهون ڪيس برف جو محلات نظر آيو. بادشاهکي يڪدم خيال آيو تہ هي اُن ٻڍيءَ جي پٽ جو ڪم آهي ۽ هنکي ضرور ڪو جادو آهي. جو هڪ رات جي اندر برف جو محلات تيار ڪرائي ڇڏيائين.

بادشاه جڏهن درٻار ۾ آيو، تڏهن ٻڍي اڳيئي

حاضر ھئي. بادشاھ کي اچڻ سان چيائين "بادشاھ سلامت! محلات تيار آھي ھنئر اوھين پنھنجو انجام پورو ڪريو."

بادشاھ جواب ڏنو تہ "مون اھو محلات ڏنو آھي ۽ سياڻي مان پنھنجي ڌيءُ جي شادي تنھنجي پٽ سان ڪندس."

ٻئي ڏينھن بادشاھ جي ڌيءُ جي شادي ٻڍيءَ جي پٽ سان وڏي ڌام ڌوم سان ٿي گذري. نؤجوان ڇوڪرو ھنئر پاڻ کي شھزادو چوائڻ لڳو ۽ پنھنجي راڻيءَ سان اُن برف جي محلات ۾ خوش گذارڻ لڳو.

(٦)

ٿورن ڏينھن کانپوءِ ھڪ ڏينھن شھزاد و شڪار جي لاءِ جھنگل ڏانھن ويو. ٻليءَ ۽ بازکي بہ پاڻ سان وٺي ويو. ھوڏانھن ساڳئي جادوگر جو ھيڙو محلات ڏٺو سو سمجھيائين تہ ھن محل جي مالڪ کي ڪيڏو وارو پٿر ھٿ لڳو آھي جو ھيڙو محلات ٺھي سگھيو آھي. سو موقعو ڳولڻ لڳو تہ ڪئن محلات جي اندر وڃي اُھو پٿر ھٿ ڪجي. اڄ شھزادي کي شڪار تي ويندو ڏسي پرپٺ سندس محلات ۾ آيو. راڻيءَ پڇيو تہ ڪھڙو ڪم آھي. جادوگر چيو تہ "مون پڌو آھي تہ توکي جواھر ڏاڍا وڻندا آھن.

مون تمام ڏوراهن ملڪن کان تمام سٺا ۽ قيمتي هيرا ۽ جواهر آندا آهن. پوءِ جواهرن جي پيٽي کولي سندس اڳيان رکيائين." راڻيءَ کي جواهر ڏاڍا وڻيا مگر بها تمام گهڻي هئين. سو کيس چيائين ته "هن وقت مونکي ضرورت ڪانهي، ڪنهن ٻئي وقت اچج." جادوگر سمجهو ته راڻي وڏي قيمت ٻڌي نڪاڻُ ٿي چاهي سو چيائينس "راڻي! تون قيمت جو ڪوبه فڪر نه ڪر. مونکي روپين جي ضرورت ڪانهي فقط هڪ ڳالهه مڃ. تنهنجي مڙس وٽ هڪ پٿر آهي جو منهنجي پيءُ جو هوءِ ڪانئس ڪٿي گم ٿي ويو هو. جڏهن تنهنجو مڙس شڪار تان اچي تڏهن اُهو پٿر ڏسڻ جي بهاني ڪانئس وٺي رکج ۽ منهنجي اچڻ جي ڳالهه سانس نه ڪج. جيڪڏهن اُهو پٿر مونکي ڏيندينءَ ته پوءِ مان به توکي جيترا هيرا کپندا اوترا مفت ۾ ڏيندس. اُهو پٿر اوهانجي ڪنهن ڪم جو ڪونهي، پر منهنجي پيءُ جي نشاني آهي، سو مان پاڻوٽ رکڻ ٿو چاهيان."

راڻيءَ اها ڳالهه منظور ڪئي ۽ پوءِ جادوگر روانو ٿي ويو.

( ٧ )

شام جو جڏهن شهزادو شڪار تان موٽيو ۽ روٽي پاڻي کائي ٻئي پاڻ ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳا، تڏهن راڻيءَ مڙس کي چيو تہ جيڪڏهن خفي نہ ٿيو تہ هڪڙي شيءِ گهران؟ شهزادي جواب ڏنو تہ ”جڏهن اُها شيءِ مونوٽ هوندي تہ اوس توکي ڏيندس.“ راڻيءَ چيو ”اوهان کي ياد هوندو تہ هڪ ڏينهن اوهانجي پڳڙيءَ مان هڪ پٿر ڪري پيو هو ۽ مون کڻي وري پڳڙيءَ ۾ وڌو هو. اُهو پٿر ڏاڍو سهڻو آهي ۽ مونکي اُهو گهرجي.“

شهزادي چيو تہ ”اُهو پٿر ڏيان ٿو پر ڏسجانءِ اُنجي پٺيان هڪ جادوگر آهي متان اُنکي ڏيئي ڇڏين.“ راڻيءَ چيو تہ ”اوهين ڪو خيال نہ ڪريو مان ڪنهن کي ڪين ڏينديس.“

ٻئي ڏينهن وري شهزادو شڪار تي ويو ۽ ٻنهي جانورن کي ساڻ وٺي ويو. شهزادو اڃا نڪتو مس تہ جادوگر اچي مڪالت ۾ پهتو ۽ راڻيءَ کي چيائين تہ ”اُهو پٿر مڙس کان هٿ ڪري رکيو يا نہ. جيڪڏهن هائو، تہ مونکي ڏي. متان جيڪي هيرا وٺڻي سي ڪڻ.“

جواهرن جي لالچ ۾ راڻيءَ کان انجام وسري

ويو ۽ جهٽ پٽ ڪٽي ٽڳ کي ڏنائين ۽ پيٽيءَ مان دل پسند هيرا چونڊي ڪڍيائين. پوءِ جادوگر اُهو پٽ ڪٽي روانو ٿي ويو.

( ٨ )

جادوگر جي وڃڻ بعد ٿوري وقت کانپوءِ هڪ ڳالهه ٿي. محل جي ٻاهر ٽڪي ٽيندي ويئي ۽ برف جو محل پگهرڻ لڳو. ڪمرا پاڻيءَ سان ڀرجي ويا. اهو ڏسي راڻي ڏاڍي گهٻرائي. پاڻي ويو وڌندو. راڻي اهو حال ڏسي رڙيون ڪرڻ لڳي ۽ ڏاڍيءَ مشڪلات سان ٻاهر نڪتي.

اتفاق سان اُنوقت شهزادو به شڪار تان واپس آيو. راڻيءَ کي ٻاهر بيٺو ڏسي چيائين "ڪهڙو سبب آهي جو ايترو ڏکي رهي آهين." راڻيءَ جواب ڏنو ته "محلات پگهرجي رهيو آهي ۽ ڪمرا پاڻيءَ سان ڀرجي ويا آهن."

شهزادي چيو ته "منهنجو پٽ ڪٿي آهي؟" راڻي ڏاڍي ڊني، پر پوءِ سچي ڳالهه ڪري ٻڌايائين.

شهزادو حيران ٿي ويو ته هاڻي ڇا ڪجي ۽ ڪئين وري اهو پٽ هٿ ڪجي پوءِ پاڻ ۽ نوڪر چاڪر سڀ بادشاه جي محلات ڏانهن هليا ويا.

شهزادو راڻيءَ کي بادشاه جي محل وٽ پهچائي آيو ۽ راڻيءَ کي چيائين ته "تو پٽ ڏيئي مونکي تباه ڪري ڇڏيو هنئر مان وڃي پنهنجي قسمت آزمائيندس." ائين چئي باليءَ ۽ بازکي ساڻ وٺي جهنگل طرف روانو ٿيو.

( ٩ )

جهنگل ۾ شهزادو هرهڪ وانهڙوءَ کان اُن جادوگر لاءِ پڇندو رهيو ته اوهان ته ڪيس رستي ۾ ويندو ڪونه ڏٺو؟ پر جڏهن ڪيس ڪنهن وٽان به پتو ڪونه پيو تڏهن پنهنجي بازکي چيائين "منهنجا دوست! تون اُن ٺڳ جي ڳولا ڪر، جو منهنجو پٽ ٺڳيءَ سان هٿ ڪري ويو آهي تون پتو ڪڍي اَءُ ته هو ڪٿي آهي."

بازيڪدم اُڏاڻو ۽ پنجن ڇهن ڪلاڪن کانپوءِ اچي ٻڌايائين ته سمنڊ جي ڪناري تي هڪ محلات آهي. جادوگر اُن محلات ۾ سمهيو پيو آهي. شهزادي ويجهي ڳوٺ مان گوشت وٺي باز کي کارايو ۽ چيو "دوست! سڀاڻي تون وري اُن محل ۾ وڃج ۽ جڏهن هو سمهيو پيو هجي تڏهن تون ڳولا ڪري اُهو پٽ هٿ ڪري ڪٿي اچج. ان ڪم لاءِ مان توکي ٽن ڏينهن جي مهلت ڏيان ٿو."

باز چوڻ لڳو ته ”مان ٻليءَ کي ٻه ساڻ وٺي ويندس.“ شهزادي چيو ته ”ٻلي ٻاڪي ٻه وٺي وڃج.“

(١٠)

صبح جو سوير اُٿي باز ٻليءَ کي پنهنجي مٿان وهاري اُن محلات طرف اُڏاڻو. نيٺ وڃي اُتي پهتا.

ٻليءَ باز کي چيو ته ”مونکي سمجهڻ ۾ ٿو اچي ته هتي زمين جي هيٺان ڪوئن جو هڪ شهر آهي. هل ته ڦريائين اُنهن وٽ هلون شايد ڪوئن وٽان ڪجهه مدد ملي سگهي.“

هو ٻئي هيٺ ويا. اُتي جو ڪوئن ٻليءَ کي ڏٺو سو ڀڄي ويا. مگر اُنهن ۾ هڪ بهادر ڪوئو اڳتي وڌيو ۽ ٻليءَ کي چوڻ لڳو ”توهانجو ڪهڙو ڪم آهي جو هتي اچڻ جي تڪليف ورتي اٿوَ؟ جيڪڏهن ڪو ڪم اسانجي لائق هجي ته اسين حاضر آهيون.“

ٻليءَ چيو ته ”توهين خاطري ڪريو مان توهان سان دوستي وانگر ملڻ آئي آهيان. توهان کي ڪائي تڪليف ڪانه ڏينديس. مونکي هڪ ضروري ڪم لاءِ ٿن چئن مضبوط ڪوئن جي گهرج آهي.“

ڪوئي چيو ته "اوهين مهرباني ڪري ٻڌايو ته اوهانجو کهڙي قسم جو ڪم آهي ته پوءِ مان ڇئي سگهندس ته کهڙا ڪوئا ان ڪم جي لائق آهن." ٻليءَ سندس شڪرگذاري ڪندي چيو ته "ڪم فقط اهو آهي ته پر تي ڪوئا هن محلات جي هيٺان سرنگهه ڏاهين. ان محلات ۾ هڪ جادوگر رهندو آهي اُن وٽ ڪمري ۾ هڪ پٿر رکيل آهي جنهن تي عجيب عجيب نشان لڳل آهي. اُهو پٿر هٿ ڪري ڪڍي اچن.؟

ڪوئي جواب ڏنو ته "اها کهڙي وڏي ڳالهه آهي. اوهين ڪو فڪر نه ڪريو. اڄ ئي اهو ڪم پُورو ٿي ويندو. رات ٿي ته ڪوئن سرنگهه کوٽڻ شروع ڪئي ۽ صفحي ۾ پهچي ڳولي ڳولي پٿر هٿ ڪري ٻاهر نڪري آيا. ٻلي ننڊ ۾ پيئي هئي تنهن کي جاڳائي پٿر ڏنائون. ٻليءَ ڪوئن جي ڏاڍي مهرباني مڃي ۽ پٿروات ۾ جهلي بازوٽ ويئي. باز ٻليءَ کي پٺيءَ تي وهاري واپس گهر ڏانهن اُڏاڻو.

سڀجو ڏينهن ٻنهي جانورن ڪجهه ڪين کاڌو هو اُن ڪري ڪين بکه اچي ڏاڍ و ستايو.

اُن وقت هڪ ٽلاءَ جي مٿان اُڏامي رهيا

هئا تہ باز چيو تہ اڄ جيڪر هتي لهي پئون ۽ ڪائي
ٻي آرام ڪري پوءِ اڳتي هلون. ٻليءَ جي وات ۾
اهو پٿر هو سو جهڙو جواب ڏيڻ لاءِ وات کوليائين
تهڙو پٿر سندس وات مان ڪري وڃي هڪ مڇيءَ
جي وات ۾ پيو.

هنئر ٻلي ۽ باز ٻئي منجهي پيا تہ ڇا ڪجي
آخر ٻليءَ ڇا ڪيو جو چنبن سان مٽي کوٽي تلاءُ ۾
وجهندي ويئي. تلاءَ مان هڪ مڇي ٻاهر نڪري
چيو "اڙي ٻلي! ڇاڪاڻ تون تلاءَ جو پاڻي خراب
ڪري رهي آهين؟"

ٻليءَ جواب ڏنو تہ "مان سارو تلاءُ مٽيءَ سان
ڀري ڇڏيندس ۽ سڀني مڇين کي پورو ڪنديس."

مڇيءَ چيو "آخر ٻڌاءِ تہ سهين تہ اسان ڪهڙو
گناه ڪيو آهي جو تون ايترو ڪاوڙيل آهين."

ٻليءَ چيو تہ "هن تلاءُ جي مڇين مان هڪ مڇي
اسانجو قيمتي پٿر کڻي ويئي آهي. تون جيڪڏهن
اهو پٿر هٿ ڪري ڏين تہ واه، نہ تہ پنهنجو خير
نہ ڄاڻجو."

مڇيءَ جواب ڏنو تہ "اوهين ذرا صبر ڪريو مان
اجهو ٿي پڇي اچان تہ اهو پٿر ڪنهن وٽ آهي.
مڇيءَ اچي ساري ڳالهہ ٻين کي ٻڌائي. آخر جنهن
مڇيءَ جي وات ۾ پٿر اچي پيو هو سا ٻاهر نڪري

آئي. پڻ اوڪاري اچي ٻليءَ اڳيان رکيائين ۽ چيائين ته مون هي پڻ ڪو ٽوروئي چورايو هو. مان تلاءُ جي ڪناري ويٺي هيس ته مٿان اچي ڪريو ۽ وات ۾ پيو مونکي ڪهڙي خبر ته توهانجو هو، نه ته مان جيڪر اُنوقت ئي اُنيئي ڦٽو ڪري پٺجي وڃان ها.

ٻلي پڻ وٺي سيني مڇين جي شڪرادائي ڪئي ۽ پوءِ هيڏانهن هوڏانهن ڦري ڪجهه شڪار هٿ ڪري پيٽ پري ڪائي ٻچي ڏوُ ڪيائون. باز وري ٻليءَ کي پٺيءَ تي وهاري اُڏائو. ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ اچي مالڪ وٽ پهتا. شهزادو پڻ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجن جانورن کي ڏاڍو پيار ڪيائين. شهزادي پوءِ اڳي کان به وڌيڪ سهڻو محلات تيار ڪرايو ۽ راڻيءَ سان گڏ اُن ۾ گذارڻ لڳو. ان ڪانپوءِ ٻئي زال مڙس پڻ جي ڏاڍي سنڀال ڪرڻ لڳا. اُهو جادوگر جڏهن جاڳيو تڏهن پڻ گم ڏسي ڏک ۾ پرجي پڻن سان مٿو هڻي پاڻ ماري ڇڏيائين.

جڏهن ان ملڪ جو بادشاه مري ويو تڏهن شهزادو سندس گاديءَ تي ويٺو ۽ ٻئي زال مڙس ڏاڍي آنند ۾ وقت گذارڻ لڳا.